# لالچ

هِڪ جهنگل ۾ هِڪُ ٻُڍو شينهن رَهندو هو. هوُ ايترو تہ ڪمزورُ ٿي وِيو هو، جو پنهنجي کاڌي خوراڪ لاءِ شڪار بہ ڪونہ ڪري سگهندو هو.

هِڪ ڏينهن رَستي تي گُهمندي اُن ٻُڍي شينهن کي هِڪُ سون جو ڪنگڻُ مِليو. سون جو ڪنگڻُ ڪَڍي شينهن ڪُجھہ ويچارُ ڪرڻ لڳو. ويچارُ ڪندي هُنَ جي مَنَ ۾ هِڪ تَرڪيب سُجهي آئي.

ٻُڍو شينهن نَديءَ جي ڪِناري تي اَچي ويٺو ۽ اَيندڙ ويندڙ راهگيرن کي ڏِسي چَوڻُ اُنهن کي ٻُڌائيندي زورَ - زورَ سان چَوندو هو، ”مان تہ هاڻي بيحَد ٻُڍو ٿي وِيو آهيان. اَڄُ تہ سُپان اِجهو مُنهنجو موت آيو. جيئَن پَرِ هِنَ پاپي پيٽ لاءِ مان ڪيترن ئي جيئَن جي هتيا ڪري چُڪو آهيان. هينئر مرڻ وقت مُنهنجي مَنَ ۾ تياڳ ۽ ويراڳ جي ڀاونا جاڳي آهي. مون وَٽ هيءُ سونَ جو ڪنگڻُ آهي. مان اِهو دانَ ۾ ڏيئي ڪُجھہ پُڃ ڪمائڻُ چاهيان ٿو. ڪوئي سَچڻُ مونکان هيءُ ڪنگڻُ دانَ ۾ وٺي مونکي ڪرتارٿُ ڪري.

راهگيرَ پڻُ سياڻا هُئا، اُهي چوندا هُئس، ”تون تہ خونخوارُ جانورُ آهين، توتي ڪهڙو ڀَروسو! اَسان تُنهنجي ويجهو اَچون ۽ تون اَسان کي ماري کائي وَڃين، توتي وشواس ڪرڻُ مَعني پنهنجي جانِ جي بازي لڳائڻُ!“

ٻُڍو شينهنُ چَوندو هو ”اُهو هينئر مُمڪن ڪونهي. مان بيحَد ٻُڍو ٿي چُڪو آهيان ۽ مرندي مرندي مان پنهنجي پاپن جو پڇتاءُ ڪرڻُ ٿو چاهيان اِن ڪري جيوَ هتيا جو ويچارُ تہ مان خُوابَ خيال ۾ بہ آڻي نَٿو سگهان. اهڙي قِسمَ جون ڳالهيون ڪري شينهنُ راهگيرن کي پنهنجيون مِٺڙيون ڳالهيون سان لالچائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

هِڪ لالچي راهگيرَ تي ٻُڍي شينهن جي مِٺڙيون ڳالهين جو خوب اَثرُ ٿيو. اُن شينهن کان پُڇيو، ”مونکي اِهو ڪنگڻُ حاصِلُ ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻو پوَندو؟“ ٻُڍي شينهن نهٺائيءَ سان جَوابُ ڏِنو، ”ڪُجھہ خاص نہ. تون صِرف هِنَ نَديءَ ۾ سِنانُ ڪري پاڻيءَ جو ٻُڪ ڀَري اَچُ ۽ مون کي دُعا ڪري ٻُڪ ۾ ڀَريل پاڻيءَ جو ڇَنڊو مُنهنجي سَرِيرَ تي هڻُ تہ جِئَن مان پنهنجي ڪَيَلَ پاپن کان آجو ٿيان. بَس، جنهن ٻُڪ پاڻيءَ سان تون مون کي ڇَنڊو هڻندين اُن ٻُڪ ۾ مان هيءُ ڪنگڻُ رَکي پاڻ کي ڪرتارٿُ محسوس ڪندُس.“

لالچي راهگيرَ ٻُڍي شينهن جي حَرفَتي ڳالهين ۾ ڦاسي بِنا اَڳِہ پُٺ سوچڻ جي، نَديءَ ۾ سِنانُ ڪرڻ وِيو. نَديءَ ۾ سِنانُ ڪندي هوُ گَپ ۾ ڦاسي پيو. جيتري ٻاهِرِ نِڪرڻ جي ڪوشِش ڪيائين اوترو اَندرِ ڦاسندو وِيو ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي ساھہ ڏِنائين.“

اِئين ٻُڍي شينهن کي بِنا ڪنهن محنت جي شِڪارُ ملي وِيو. هر روز ڪو نہ ڪو راهگيرُ اِن نموني شينهن جي حَرفَتي ڳالهين ۾ ڦاسي لالچ وَس پنهنجي جانِ وڃائيندو هو ۽ شينهن جو کاڄُ بڻجندو هو.

نصيحت : لالچ بُري بَلا آهي.